**سنڌ حڪومت هيلٿ ورڪرز جو ترميم ٿيل نصاب جاري ڪري ڇڏيو**

**2003 کانپوءِ پهريون ڀيرو ليڊي هيلٿ سپروائيزرس جي نصاب ۾ اهڙي قسم جون ترميمون ڪيون ويون آهن**

سنڌ حڪومت ليڊي هيلٿ سپروائيزرس (ايل ايڇ ايس) جي تعليمي ۽ تربيتي نصاب ۾ اهم تبديلين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. اهو فيصلو عوام کي گهرن تائين فراهم ٿيندڙ صحت عامه جي خدمتن جي معيار ۾ واڌاري لاءِ ڪيو ويو آهي. بيمارين کان بچاءَ جون اِهي خدمتون مقامي ماڻهن کي سندن گهرن تائين ليڊي هيلٿ ورڪرز (ايل ايڇ ڊبليو) جي مدد سان فراهم ڪيون وڃن ٿيون.

هن نئين نصاب ۾ نمونيا ۽ ڊائريا (دستن جي بيماري) جي علاج معالجي بابت جديد ترين رهنما اُصولن کي شامل ڪيو ويو آهي. اِهي ٻئي مرض قابل علاج آهن پر ڏک جي ڳالهه اها آهي ته انهن جي ڪري 2015 ۾ سڄي ملڪ ۾ 670،000 ماڻهو موت جو ڪاج ٿيا. ان ڳالهه جو انڪشاف هڪ صوبائي اجلاس ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ انهن مرضن جي علاج سان لاڳاپيل فردن ۽ آغا خان يونيورسٽي (آي ڪي يو) جي نگران پلس پروجيڪٽ ۾ شامل تحقيق ڪندڙن شرڪت ڪئي.

هن نئين نصاب ۾ ايل ايڇ ايسز لاءِ اهڙيون هدايتون شامل آهن جن جي مدد سان اُهي نهايت اثرائتي نموني ايل ايڇ ڊبليوز جي ڪم ڪم جي نگراني ڪري سگهن ٿيون ۽ کين معاونت فراهم ڪري سگهن ٿيون. مطلب ته نمونيا ۽ ڊائريا جي ابتدائي مرحلن ۾ علاج لاءِ ايل ايڇ ايسز جديد ترين علم ۽ علاج جي مهارت لاڳو ڪرڻ ذريعي ايل ايڇ ڊبليوز جي ڪم کي مضبوط ڪري سگهن ٿيون. اِها ڳالهه اهم آهي ته هنن مرضن جي علاج لاءِ ابتدائي مرحلن ۾ ٿيندڙ سار سنڀال نهايت اهميت رکي ٿي.

سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام جي ڊائريڪٽر غلام حسين شيخ هن موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته ” ايل ايڇ ايسز جو هي ترميم ٿيل نصاب هاڻي تربيتي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو ۽ اسان اميد ڪريون ٿا ته ٻارن ۾ ڊائريا ۽ نمونيا جي علاج لاءِ هي اهم ثابت ٿيندو.“ هن وڌيڪ چيو ته ” مان سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام فار فيملي پلاننگ اينڊ پرائمري هيلٿ ڪيئر جي نمائندن جا دل جي گهرائي سان ٿورا مڃان ٿو. ان سان گڏوگڏ مان آي ڪي يو جي نگران پلس جي ٽيم جو شڪرگذار آهيان ڇاڪاڻ ته انهن هن نصاب جي ترميم لاءِ رضاڪاراڻي طور تي خدمتون فراهم ڪيون. انهن نه رڳو نصاب جي جائزي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ هن جي ترجمي لاءِ اهم خدمتون فراهم ڪيون آهن پر هن نصاب جي سڀ کان پهرين اليڪٽرانڪ نقل به تيار ڪئي آهي.“

نگران پلس، ميرپورخاص ۾ ڪيل تحقيق ۽ علاج جي قدمن جو پروجيڪٽ آهي جنهن تحت آي ڪي يو جي تحقيق ڪندڙن صوبائي حڪومت جي مقرر ڪيل هيلٿ آفيسرن سان گڏ ڪم ڪيو. سندن مقصد اهڙن حقيقي عنصرن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ هو جن جي ڪري نمونيا ۽ ڊائريا جي خلاف جنگ ۾ رنڊڪون پيدا ٿي رهيون آهن.

نگران پلس پروجيڪٽ جو هڪ اهم جزو ضلعي ۾ مصروف عمل 32 ايل ايڇ ايسز ۽ 160 ايل ايڇ ڊبليوز جي علم جي جاچ به هو. ان جي نتيجي ۾ خبر پئي ته اڪثر هيلٿ ورڪرز وٽ هنن مرضن سان منهن ڏيڻ لاءِ گهربل بنيادي ڄاڻ به نه آهي. اها به ڄاڻ ملي ته ايل ايڇ ايسز طرفان ملندڙ معاونت ۽ سرپرستيءَ جي معيار ۾ واڌاري جي به ضرورت آهي.

پروجيڪٽ جي بنيادي جاچ ڪندڙ ڊاڪٽر فوزيه رٻانيءَ هن موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته ”صحت عامه جي نظام کي بهتر بڻائڻ بابت گهڻو ڪري بحث جو محور ايل ايڇ ڊبليوز هونديون آهن. ان جو مطلب آهي ته اسان ايل ايڇ ايسز جي صلاحيتن کي درست انداز ۽ مقدار ۾ استعمال ۾ نه آڻي رهيا آهيون. هڪ ايل ايڇ ايس، 15 کان 20 ايل ايڇ ڊبليوز جي اثرائتي نموني سرپرستي ڪري سگهي ٿي ۽ هر ايل ايڇ ڊبليو جي 100 گهرن تائين رسائي آهي تنهنڪري ايل ايڇ ايسز جي بهتر رهنمائيءَ جي بدولت اسان زبردست تبديلي آڻي سگهون ٿا.“

ڊاڪٽر رٻانيءَ وڌيڪ چيو ته ”هن ترميم ٿيل نصاب ۾ پاليسي سڌارن جو بنياد تحقيق ۽ مشاهدن تي آهي. ان سان اهڙن سَستن ۽ سادن قدمن جي نشاندهي ٿئي ٿي جيڪي سسٽين ايبل ڊولپمينٽ گول نمبر 3 جي حصول ۾ پاڪستان لاءِ مددگار ثابت ٿيندا. ايس ڊي جي نمبر 3 ٻارن جي موت جي شرح ۾ گهٽتائيءَ بابت هدف آهي.“

تحقيق ڪندڙن ۽ سنڌ حڪومت جي صحت عامه جي ماهرن نگران پلس پروجيڪٽ تحت ڪيل تحقيق جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ ڪيترن ئي مشاهدن بابت به ڳالهه ٻولهه ڪئي.

پروجيڪٽ جي ابتدائي سال ۾ ڪميونٽي هيلٿ ورڪرز ميرپورخاص جي گهٽ آمدنيءَ وارن علائقن ۾ رهندڙ 4000 کان وڌيڪ مائرن ۾ صحت عامه جي فردن بابت سروي ڪئي. سندن مشاهدن مطابق صحت عامه فراهم ڪندڙ هر 3 مان هڪ (کان به گهٽ) فرد کي جسم ۾ پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ جي علامتن بابت ڄاڻ نه هئي. جسم ۾ پاڻيءَ جي گهٽتائي ڊائريا جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ اهم پيچيدگي آهي. وڌيڪ اهو ته سروي ۾ شامل هر ڏهن مان 4 (کان به گهٽ) گهرن جي فردن کي ساهه کڻڻ ۾ ٿيندڙ ڏکيائين کان آگاهي نه هئي جيڪا نمونيا جي علامت آهي.

نگران پلس پروجيڪٽ جي هڪ تحقيق ڪندڙ مطابق انهن اهم علامتن ۽ پيچيدگين کان اڻڄاڻائي جي نتيجي ۾ 70 سيڪڙو گهراڻا علاج لاءِ ڪنهن نجي ڪلينڪ تي وڃڻ تي مجبور هوندا آهن جيتوڻيڪ هڪ ايل ايچ ڊبليو صحت جي انهن مسئلن جو گهر تي سولائيءَ سان علاج ڪري سگهي ٿي.

وڌيڪ اهو ته تحقيق ڪندڙن مطابق انهن علائقن ۾ ملندڙ هڪ عام تصور اهو آهي ته جيڪڏهن ڪو ٻار دستن جي بيماريءَ ۾ ورتل هجي ته ان جي والدين جي خيال ۾ ”جسم کي آرام ڏيڻ لاءِ“ کيس غذا ڏيڻ بند ڪري ڇڏڻ گهرجي. هن تصور ۽ طريقيڪار جي نتيجي ۾ ٻارن جي جسم ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ پيدا ٿي ويندي آهي ۽ کيس اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پوندو آهي.

هن مطالعي دوران اهو طريقو به ڏسڻ ۾ آيو ته جسم ۾ پاڻيءَ جو کوٽ جي علاج ۾ ڇاڻي واڻي دير ڪئي ويندي آهي ۽ غيرضروري خرچ ڪيو ويندو آهي. اڪثر گهراڻا بازار مان اورل ري هائيڊريشن سالٽس (او آر ايس) جا ساشي خريد ڪندا آهن جڏهن ته هو گهر تي لوڻ، کنڊ ۽ پاڻي جي مدد سان سولائيءَ سان اهو محلول تيار ڪري سهگن ٿا ۽ ٻارن جي صحت ترت بحال ڪرائي سگهن ٿا. او آر ايس جي فراهميءَ ۾ دير به جسم ۾ پاڻيءَ جي کوٽ کي خطرناڪ حد تائين وڌائي ڇڏي ٿي.

نمونيا جي علاج جي حوالي سان به اهڙا ئي غلط تصور سامهون آيا آهن جن مان اهم ترين اهو آهي ته صحت عامه جا اڪثر فرد ساهه جي انفيڪشن کي رڳو ”عام کنگهه“ سمجهندا آهن ۽ سروي ۾ شامل فقط 12 سيڪڙو فردن، ٻارن کي درست وقت تي موزون اينٽي بايوٽڪ دوائون فراهم ڪيون.

تحقيق ڪندڙن حڪومت کي تجويز پيش ڪئي آهي ته ٻارن کي نمونيا ۽ ڊائريا جهڙن خطرناڪ مرضن کان محفوظ رکڻ لاءِ هيٺ ڏنل قدم کنيا وڃن:

- ايل ايچ ڊبليوز کي اينٽي بايوٽڪ دوائن، زنڪ سپليمينٽس ۽ او آر ايس جي استعمال جي تربيت سان گڏوگڏ ان تائين رسائي هئڻ گهرجي. ان جي مدد سان اهي اسپتال موڪلڻ بدران ٻار جو گهر ۾ ئي علاج ڪري سگهنديون.
- ڊائريا ۽ جسم ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جي علاج لاءِ گهر تي تيار ڪيل محلول، ۽ نمونيا جي علاج لاءِ اينٽي بايوٽڪ دوائن جي حوالي سان آگاهي جي هڪ وسيع مهم جي شروعات ڪرڻ گهرجي.
- ايس ايم ايس تي ٻڌل نگراني جي هڪ نظام کي وسيع پيماني تي متعارف ڪرايو وڃي ته جيئن ايل ايچ ڊبليوز پنهنجي سپروائيزرز کي نازڪ ۽ حساس ڪيسن بابت ترت آگاهه ڪري سگهن. ان ڪانپوءِ 24 ڪلاڪن ۾ فالو – اپ وزٽ به ممڪن ٿيندي.
- تربيت ڪندڙ ۽ سرپرست جي طور تي ايل ايچ ايسز جي حيثيت ۾ بهتريءَ لاءِ قدم کنيا وڃن ته جيئن ايل ايچ ڊبليوز جي ڪارڪردگي ۾ بهتري اچي.

نگران پلس پروجيڪٽ اصل ۾ اميد نو (نئين اميد) پروجيڪٽ جو حصو آهي جيڪو آغا خان يونيورسٽي ۽ پاڪستان جي چئني صوبن جي صحت واري وزارتن جي گڏيل سهڪار سان لاڳو ڪيو پيو وڃي. هن پروجيڪٽ لاءِ بل اينڊ ملنڊاگيٽس به معاونت فراهم ڪئي آهي.

هن تقريب ۾ موجود ٻين آفيسرن ۾ شامل هئا: ڊپارٽمينٽ آف هيلٿ جو اسپيشل سيڪريٽري (ايڊمن) عبدالوحيد شيخ، سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام فار فيملي پلاننگ اينڊ پرائمري هيلٿ ڪيئر جي پرووِنشل مانيٽرنگ ڪوآرڊينيٽر جو ڊاڪٽر پير غلام حسين، ۽ سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام فار فيملي پلاننگ اينڊ پرائمري هيلٿ ڪيئر جو ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽنگ آفيسر، ميرپورخاص، ڊاڪٽر حمزه علي پنهور.

آغا خان يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ آف ڪميونٽي هيلٿ سائنسز جي چيئرڊاڪٽر سمين صديقي، يونيورسٽي پرووسٽ ۽ وائيس پريزيڊنٽ، اڪيڊمڪ، ڪارل امرهين ۽ آغا خان يونيورسٽي جي ڪميونٽي هيلٿ سائنسز جون استاديائيون ڊاڪٽر شگفته پروين، ڊاڪٽر عمران نعيم ۽ انعم فيروز به هن تقريب ۾ موجود هيون.